[سچي زندگيءَ جو ماهوار پتر]

شري رامڪرشن پرمهنس :
هڪ گلابي گل

ڇپا ڪيل:- شري ڀڳوانداس نندوسنگهه

شري رامڪرشن پرمهنس: هڪ گلابي گل

[دادا]

شري رامڪرشن پرمهنس جو جنم ١٨٣٥ع ۾ ٿيو. رامڪرشن ۾ شري رام ۽ شري ڪرشن جي جوت هئي. هن پوڄا جي پياري جو نالو ولايت تائين پکڙيل آهي ۽ اڄ ڪروڙين سندس چرڻن ۾ سر جهڪائين ٿا. فرانس جو مشهور ودوان رومين رولانڊ (Romain Rolland) پنهنجي هڪ انگريزي ڪتاب "شري رامڪرشن" ۾ لکي ٿو ته "رامڪرشن پرمهنس ڀارت جي ٻن هزارن ورهين جو ڦل آهي!"

رامڪرشن ننڍي هوندي رامائڻ ۽ مهاڀارت آڀياس ڪيا ۽ ننڍي هوندي پنهنجي جيون ۾ سچ جو ٻج پوکيو ۽ ننڍپڻ ۾ ئي پوڄا سان پريم رکيو. اوهين پنهنجي جيون ۾ سچ جي پوڄا ڪريو ۽ ڀارت جي شاسترن کي نه وساريو. رامائڻ پڙهو، مهاڀارت پڙهو ۽ سچي روشني وٺو. شل وڌيڪ پڙهو، پر پوڄا

آئون ۾

[دادا]

موٽي هولي آئي، موٽي بهار آئي!
هاڪ انهي حسن جي، هر هنڌ انهي وائي!
اِڪ اِڪ چمن ڪٺن چمڪي، هر جا هندستان ۾:
سونهن ٻهچن جي نئي مهڪي، سنڌ گلستان ۾!
شيام! تنهنجي ٿي اچڻ لاءِ، ملڪ سارو حيران ۾:
ڌولاءِ نهارين، ٻيا ٻڪارين، مٿرا ڪاشي ملتان ۾!
سڪ سوز ۾ اي سونهن وارا! عاشق ڦرن ايران ۾:
ٽيڙو اُن کي آهن لڳا، ڪشمير چين ۽ جپان ۾!
اچ منا! نوري روئي، جمنا جي ٿي اشنان ۾:
اچ مدح جي مولي ڪٽي، ڏ. خوب کيليون آئون ۾!

ڪ جو ڇهرو ڀين کي نہ ڏيکاري .

[ڪهڙو نہ سندر وچار ! دلگير نہ ٿيو ! ڪل مکو
ي هن مايا ميدان ۾ پڇتاءُ ڪم ڪريو !]

(٢) باپ لڪي نٿو سگهي ! اڄ ڪـي هوا پوي
ري ڪٽي ٿي وڃي .

(٣) اُهو ودوان ڪونهي ، جنهنجو من پريوءَ سان
ـچو ڪونهي .

(٤) جوت جڳايو ! ڏسو ٿا : جيڪي مان ڏسان
و ، سو اوهين ڏسو ٿا ؟ مان ڏسان ٿو تہ پريوءَ ئي
ـب ڪجهہ آهہ !

(٥) جيڪي ڳوليندين ، سو پائيندين ، ٻيا ڏن
ا ڀڳوان .

(٦) ٻوليءَ ۾ پريو چمڪي ٿو ، جئن سج چمڪي
و آرسيءَ ۾ .

(٧) پياس ڪانپوءِ درشن ملي ٿو .

(٨) سچ جي پوڄا ڪريو .

(٩) غريبن جي سيوا ڪريو .

کي نه وساريو! شل اهي اکر ٻهڪندڙن ڏيئن ني اکري
چڙهيو :- ”پڙهو، ٻڌو ٻڌايو کي نه وساريو!“

هن سنت جي باڻيءَ ۾ ڪيڏو نه رس آهه ۽ ڪيڏو نه گيان! هڪ دفعي هن سنت چيو ته ”جڏهن گل گلابي کلي ٿو ۽ سڳند پکيڙي ٿو، تڏهن ماڪيءَ جون مکيون ٻاڻيهي اچن ٿيون ۽ اهي سڀ گل تي موهت ٿين ٿيون.“ شري رامڪرشن هڪ گلابي گل هو ۽ مٿس ڪيترائي موهت ٿيا.

هن سنت جي باڻيءَ ۾ عجيب گل ڏسان ٿو، جن تي پکي ڳائين ٿا ۽ جن ۾ آنند چمن جون مکڙيون چمڪن ٿيون. رامڪرشن هو پکين وانگر ۽ گلن وانگر. سوشٽيءَ جي روح جي سونهن مڃهس هٿي. سندس ”باڻيءَ“ ۾ گوڙها ويچار آهن. سندس باڻيءَ مان ڪي ٽڪرا هيٺ ڏنل آهن:-

(١) ٻريو آهه ماڻا آنديمي ماڻا: ۽ ماڻا جي هڪ هڪ پٽر کي، ٿڌهڪري سدا ڪلمڪ رهڻ کپي. جيڪو ڪلمڪ نه رهي سگهي ته ڪنهن ڪمي نه ٻڌهڻجو

دادا جو!

هڪ موقعي تي پيارو دادا سوچ ۾ ويٺو هو. اسان اچي ڪانئس پڇيو: "دادا! اڄ ڪهڙي ويچار ۾ ويٺا آهيو؟" پياري دادا چيو: "اڄ منهنجا ويچار وري وري وڃن ٿا انهن ڏي، جي دوزخ ۾ آهن، باهه ۾ پيا جلن. مان چاهيان ٿو، مان نرڪ ۾ وڃي هنن پيارن کي پنهنجي دل جو پيار ڏيان."

هڪ موقعي تي پياري دادا کي بخار هو. ڏاڍو بخار سڄو ڏينهن پيو هو. پياري دادا ڪجهه کاڌو ڪين هو. نماشام جي وقت پياري دادا اڇا ظاهر ڪئي ته مان جيڪر سنگتري جي رس پيئان. انوقت ڪٽيا ۾ جي ويٺا هئا، هڪ هڪ ڊوڙيو ته وڃي پنهنجي محبوب لاءِ سنگترا وٺي اچان. ٿوري وقت ۾ سنگترن جون ٽوڪريون اچي ڪٺيون ٿيون. پياري دادا انهن سڀني سنگترن ڏي نهاريو. ۽ پوءِ سندس ويچار ويا ساڌن اسپتال ڏي، جت غريب بيمار آهن، جن کي سنگترو ملي ڪين. پياري دادا چيو

دڳ لڳائڻ، ڪنهن پياسي دل کي پرپوءِ جي راه
ٻڌائڻ، اُن کان وڌيڪ ٻيو اُهم ڪم ڪين آهه.

توهان پياري دادا جي ڊاڪيومينٽري فلم ڏٺي
آهه. اُن ۾ توهان ڏٺو آهه ته ڪئين هڪ ڪتو اچي
پياري دادا جي چرڻن ۾ وِري ويهندو هو.
سانت ۾ ويٺو پياري دادا جي ڪمل مکڙي ڏي
نهاريندو هو. هن ڪتي ڪڏهن ڀؤنڪيو ڪين،
ڪڏهن ڪنهن کي ڏاريو ڪين. شروعات ۾ ڪيس
اَچڻ ڪين ڏيندا هئاسين. چوندا هئاسين ته پياري
دادا جي ڪٽيا ۾ ڪتو ڪٿان ايندو. پر پياري دادا
اَسان کي روڪيو. چيائين :- "هن کي اَچڻ ڏيو."
اِئين پياري دادا جي سکيا هئي ته جي توهان ۾
ڪوشش آهه ته ڪتي ۾ ڪو ٻيو آهي ڇا؟ هڪ
ڏينهن اِن ڪتي ڏي اِشارو ڪري پياري دادا چيو :-
"مونکي جي ڪتي جو جنم وٺڻو پوي ۽ اُن دوارا
مان ڪن جي شيوا ڪري سگهان، مان خوشيءَ سان
ڪتي جو جنم وٺندس." ڪهڙو نه درشن پياري

اکر اُچاريائين :- ”ڏيو! ڏيو! ڏيو!“ جيڪي توهين ڏيو ٿا ٻئيءَ جي پيار ۾ ۽ واپس ڪجھ نٿا expect ڪريو، اُهائي توهانجي بچت آهي. جيڪي توهين خرچ ڪريو ٿا، اُهو هتي ئي کپائي وڃو ٿا. جيڪي بئنڪن ۾ رکي وڃو ٿا، اُهو بئنڪن ۾ ئي رهجي وڃي ٿو. پر جيڪي توهين پياري پرڀوءَ جي پيار ۾ دکين دردن، غريبن مسڪينن، بکين پسن جي شيوا ۾ خرچ ڪريو ٿا، اُهائي توهانجي بچت آهي.“

پيارو دادا ڀارت جي جدا جدا پرانتن ۾ ۽ ولايت جي جدا جدا ملڪن ۾ دؤرن تي ويو. جت ويو، اُت سڀني ستڀرڪن، ڀارت جي سڀيتا جو پيغام ڏنائين. پياري دادا جي سکيا ۾ ٽن ڳالهين تي زور ڏنل آهي :-

(١) آپو مٽايو. اَهم کي ماريو. انسان جي وڏي تڪليف آهي اَهم، اَهنڪار، آپو. پياري دادا چيو، هڪ هڪ چاهي ٿو ته مان وڏو ٿيان. انڪري دنيا ۾ جهڳڙا، جهيڙا، فساد ٿين ٿا، جنگيون ٿيون ٿيون. ”ٽوري گرنٿ“ جو اوهين پاٺ ڪندا، توهين

۽ هي سڀ سنگتڙا توهين کڻي وڃي غريب بيمارن جي Wards ۾ ورهايو. جڏهن غريب سنگتڙا کائيندا، مان سمجهندس، مون اهي سنگتڙا کاڌا آهن.

پياري دادا جي دل عجيب هئي! ڪيترين ڳالهين جو ذڪر توهان سان ڪريان، هر وقت مونکي موڪل ڪين ڏيندو. پياري دادا جي جيون جي ساکي اها ۽ شيوا ڪريو! شيوا ڪريو! ڏکيا ڏينهن آهن. مهانگائي وڃي ٿي وڌندي. ڪٿي نه غريبي! ڪٿي نه مفلسي! ڪيترن کي کاڌو ملي ڪين. ڪيترن کي ڪپڙو ملي ڪين. ڪيترن کي اجهو ملي ڪين. ڪيترا رات جي وقت سياري جي سيءَ ۾ رستن تي سمهن ٿا. پياري دادا چيو، هن سڀن جو ويچار ڪري توهان کي جيڪي آهي، وڃي انهن سان ونڊيو ورهايو.

هڪ موقعي تي پياري دادا چيو:- ”مون کي فقط هڪ زبان آهي، پر جي هڪ لک زبانون مون کي هجن ۽ هڪ هڪ زبان سان مان جيڪر فقط هڪ

ڏٺو. هي صوفي سنت ستسنگ هلائيندو هو. اُپديش
ڏيندو هو. هڪ ماڻهو اُپديش ڪانپوءِ سنت کي چوي
ٿو:- ”سائين! پياس آئـم ۽ سياڻي توهين منهنجي
گهر ۾ اچي روٽي کائو.“ هي صوفي سنت چوي ٿو:-
” مان تيار آهيان. سڀان ايندس“ هي ماڻهو ڪيس
چوي ٿو:- ”جي توهان کـي سهوليت ٿئي ۽ هڪ
ٻجي منجهند جو سياڻي اچجو. مان توهان لاءِ ترسندو
ويٺو هوندس.“ ٻئي ڏينهن هــي صوفي سنت هن
ماڻهوءَ جي گهر ۾ اچي ٿو. اچـا گهر ۾ گهڙي ٿو ۽
هي ماڻهو سنت سان ڏڪا اکر ڳالهائي ٿـو:- ”هت
ڇا واسطي آيو آهين؟ هيڏي مهل هــت تون ڇو
آيو آهين؟“ سنت کي ٿورڪ عجب لڳي ٿو. چوي
ٿو:- ” ڪلهه هـن موکي ڪـوٺ ڪئي. چيائين،
هڪ ٻجي مـون وٽ ماني کائڻ اچجانءِ. ايتري ۾
ڪيس شايد وسري ويو آهه.“ هــي سنت نمسڪار
ڪري، سر جهڪائي، دل جي اندر پراٿنا ڪري
ٿو:- ”پڀو! تون هن ٻماري جي ڪشٽ ڪي سڀن

ڏسندا ته هڪ اکر وري اچي ٿو :- ”فدا ٿيو! ڪجهه ڪين ٿيو! مسڪين ٿيو! نماڻا ٿيو!“ پياري دادا چيو ته لوهانجي ۽ پريوءَ جي وچ ۾ هڪ ئي پس آهي، هڪ ئي پردو آهي. اهم جو پردو. منهنجو اهم هليو ويو. مان پوءِ بابان ته فقط اکرن ۾ چوان:- پر پوءِ بابان ته مان ڪجهه ڪين آهيان، اڪ دين، اڪ مسڪين ۽ راڻو منهنجي روپو!

پياري دادا کان پڇوسين ته اهو انسان جو پنهنجي اهم کي ماري ٿو، پنهنجي آپ کي مٽائي ٿو، پنهنجي اهنڪار کي لتاڙي ٿو، ان انسان جي نشاني ڪهڙي؟ پياري دادا چيو ته نشانيون ڪيترائي آهن، پر هڪ مکيه نشاني هيءَ ته هو ياد نٿو ڪري ته فلاڻو مون سان ڪهڙي هلت هليو. معافي ڏئي ڇڏي ٿو. مان وڃي هن کان معافي گهران، ان کان اڳ هو مون کي معافي ڏئي ٿو. اها آهه نشاني ان انسان جي، جو نماڻو آهي.

پياري دادا اسان کي اڪ صوفي سنت جو مثال

ڏسڻ لڳو. هن لٺ سان ڌڪ هڻي اوکي ٻاهر
ڪڍندس." ١٣ ڀيرا هن جي پٺيان وڃي کيس واپس
وٺي اچي ٿو. سندس هڪ ڀيرو ئي لٺو ياد ڪري!
آنڌهن سندس جي چوڻ تي هي ماٺهو ڪري ٻوي ٿو.
چوڻس ٿو:- "مان تلاش ۾ هوس ته مونکي ڪو گرو
ملي، ڪو سچو گرو. مون چيو ته مان ٻڌهجو گرو
اڪي ٿوڪي وٺندس. مهنجا گوڏيو! مون توهان
توهان سان اها حالت پاڻهي ڪئي. ڪرپا ڪري
ڪميا ڪجو!" تڏهن هن سندس کيس چوي ٿو:-
"پيارا! گرو جي لڪي ٿوڪي وٺو اٿئي ته پيا امتحان
وڃ. هي ته نه اهو امتحان ورتو آهه، جو ڪٿو ئي
پاس ڪري سگهندو. ڪٿي ڪي لاءِ ڏيکاريندڙن ته
اچي ٻڌندو. هي ماڻهو اڪر ڏيکاريندس ته ٻڌو ڙندو
لوٽ ايندو. ١٣ ڀيرا چئو، پر ١٣ سؤ ڀيرا ڪٿو
اٿين ڪندو." مهنجا پيارا ٻارو، مهنجون ڀيڻرون!
اسانجي اها آستا ڪڏهن ٿيندي؟ پيارو دادا ان
واسطي آيو ته اسين اماڻا ٿيون، ڏيڻ ٿيون، ڪنج

پاڻين لئي آسيس ڪجِ." اِئين ڪري موٽي اُچي ٿو.

اَچا ٿورو اڳتي هلي ٿو ته هي ماڻهو ٻاهران ڊوڙندو اَچي ٿو ۽ کيس اَچي چوي ٿو: "سائين! مونکي وسري وئي ڳالهه ته ڪلهه مون توهان کي وڏي ڪٺي هئي ته مون وٽ اَچي ماني کائجو. ڪرپا ڪري مونکي معافي ڏيو. مون سان موٽي هلو. هلي مون سان گهر ۾ ماني کائو. هي سنت چوي ٿو: "پيارا! مان تيار آهيان." سنت ۽ هي ماڻهو ٻئي موٽي اَچن ٿا. پر اَچا سنت گهر ۾ گهڙي ٿو ته وري هي ماڻهو اَچي نڪو بوي ٿو. گهڻو وقت اڪر ڳالهائي ٿو. چويس ٿو: "نڪري وڃ. توکي حق ڪين آهه. هن گهر ۾ وڙهڻ جو." وري هي سنت سر جهڪائي، هن پياري واسطي ۽ ڪٿب جي سڀن پاڻين لاءِ آسيس پڙهي، نڪري وڃي ٿو.

اَچا رستي تي آهه ته وري هي ماڻهو ڊوڙندو اَچي ٿو. ائين ١٣ پيرا هن سنت کي گهر مان ٻاهر ڪڍي ٿو. چويس ٿو: "نه، اڪرندان ته هيءَ اٿ

اهو پرارٿنا ڪندا رهون. هڪ ڏينهن ٻاجهاري کي ٻاجهه پوندي. اسان کي به اهو دان ڏيندو. پوءِ اسين به چڙهي ويندا سين اُن چوٽين تي ۾ ، ڏٺا پد ۾ ، جنهن لاءِ جو ذڪر سنت باڻيءَ ۾ ، گرباڻيءَ ۾ ، اپنشدن ۾ منترن ۾ ڪيو ويو آهي.

نانڪ نه وساريو! پيو نه وساريو! پنهنجو ڪم ڪار ڪريو، پر ڪم ڪار جي وچ ۾ اڌ منٽ ، هڪ منٽ بچائي نينهن پيول نيڻن سان پنهنجي محبوب ڏي نهاريو. "منهنجا محبوب! تون مون سان آهين نه؟ مون کي نه ڇڏجانءِ! ڇوري نه ڇڏجانءِ! نذر اٿيئي تنهنجي حوالي! نذر اٿيئي تنهنجي ڪمل قدمن ۾!" وري ڪم کي لڳي وڃو. وري اڌ ڪلاڪ ، ٻئي ڪلاڪ ، ڪلاڪ ڏاڍپوءِ اڌ منٽ بچائي، وري پنهنجي محبوب سان اهو پريم جي ، محبت جي گفتگو ڪريو. اسان جو اندر ويندو کلندو. ۽ اڪ سڀاڳي ڏينهڙي اسين به هلي ان پد کي پراپت ڪنداسين.

(٣) ٽين ڳالهه دکين دردن جي شيوا. ٻاري

ڪين ٿيون. انڪري ضروري آهي ته هڪ ٻئي سان مٺو ڳالهايون، محبت ۽ ورتاءُ ڪريون!

(۲) ٻي ڳالهه جنهن تي ٻارڙي جي سکيا ۾ زور ڏنل آهي، سا هيءَ:- "ناءُ نه وسارڻو! پرڀوءَ کي نه وسارڻو! پنهنجا ڪم ڪارڻون ضرور ڪرڻو، پنهنجا فرض پالڻ ڪرڻو، ڇو ته هيءَ پرٿوي آهه ڪرم ڀومي، آهه ڌرم کيتر، پر پرڀوءَ کي نه وسارڻو."

اسين پرڀوءَ جي تلاش ۾ مندرن ٺڪاڻن، وڃون ٿا، پر پرڀو ته دل دل اندر براجمان آهه. پرڀوءَ کي پائڻ چاهيو ته دليون کولهو! دليون کولڻ چاهيو ته سانت جو ابياس ڪرڻو. روز روز ٿورو وقت سانت ۾ گذارڻو. ۽ دل اندر سڪ اٿارڻو، اڪير اٿارڻو. انڪري پرڀوءَ کان سڪ جو دان گهري وٺو:- "پرڀو! مونکي پنهنجي ڪمل قدمن ناءِ نج ڀڳتي، نج پريم جو دان ڏي! مان چاهيان ٿو ته لوڪن پيار ڪريان، وڏڪ وڏڪ پيار ڪريان ۽ اُن پيار ۾ گم ٿي وڃان. چوويهه ئي ڪلاڪ، اٺ ئي پهر اُن نشي ۾ رهان."

١٩ جنوري ١٩٦٦ع ٻڌي ڪلاڪ صبوح جو، ٢١
سال اڳ، ٨ لڳي ٢٢ منٽ، پياري دادا ڀيڻجي
سواس جو ڇوٽو ٽماڳ ٿيو. ڀيڻجي سواس جو
ڇوٽو ٽٽو ڪري پيارو دادا هڪ هڪ جي
دل اندر گهڙي ويو آهه. ۽ اڄوڪي ڏينهن، ١٧
جنوري ١٩٦٦ع، ڀارت جي جدا جدا پرانتن مان
پياري دادا جا پيارا آيا. ڪلهه ڪانوڻي اچڻ شروع
ڪيائون. ٿئي آيا انتم درشن ڪرڻ واسطي.
اڄوڪي ڏينهن شام جو ٥ لڳي ٢٠ منٽ هن
آستان تي، جنهن آستان تي هميشه پوڙ سماڌي آهه،
ان ئي ٺهي تي پياري دادا جي سونهي سواس جو اگني
سنسڪار ڪيو ويو. هن وقت تائين اگنيءَ جون
ڄڀون ٻڏي ٻرن. اسان مان ڪيترا سانت ۾ ويٺا
هئاسين. ويٺي اگنيءَ جي ڄڀن ڏي نهاريوسين.
اسان سمجهيو ته اگنيءَ مان پيارو دادا ٿيو ڳالهائي:
پيو چوي:- "مان توهان کي ڇڏي ڪين ويو آهيان،
پر مان توهان مان هڪ هڪ جي اندر گهڙي ويو
آهيان. ڀيڻجين دلين کي وهي ڇگطوح جا ڇيو.

دادا چيو، اوهين ستمگر ۾ آچو ٿا، مندرن ڏڪائن ۾ ناڪن جي سيوا ڪريو ٿا، پر ناڪو چوي ٿو:- نا قبول! جيسين اوهين ناڪو جي پگل مورتن ۽ دکيين دردن، غريبن مسڪينن، هڪين پسن جي سيوا نٿا ڪريو، تيسين اوهان جي پوجا نا قبول! پياري دادا وڏي ڪ چيو ته هريو جو آهه لامڪان، اُن لامڪان جا مڪان آهن هي دکي دردر، پکي پسون، جي لکن جي تعداد ۾ روز روز پيدا ڪيجن. وڃي تن جي ٻر ٻر ۽ شرڌا ۾ سيوا ڪريو، تن جي چرڻن ۾ سر جهڪايو، آسيس پائيو!

اها سکيا پياري دادا ڏني. جنهن ويو، اسان اها سکيا پارط سان کڻي وڃو ۽ ان سکيا دواران پياري دادا کيترن کي نه چيکيو. پياري دادا جي اکون ۾ شکتي هئي. پياري دادا جـي ڳالهائڻ ۾ جادو هو. کيترن جي دلين ۾ نه پياري دادا لهدلوي آندي. پياري دادا جـي سنگ دواران کيترن کي نئون رنگ لڳو.

جشن چيو: ”مان ٺيڪ آهيان. سڀاڻ ٿي هلون.“ فقط چوڻ جي دير هئي. ۴ جنوري دادا جشن لوناوالا هليو، جتان ۷ جنوري واپس وريو.

نيلوُ، پوني ۾ پياري دادا جي ۲۱ مهاڳيہ (ورسيءَ) جون تياريون ٿي رهيون هيون. دادا جشن آيو ۽ سڀن جو اُتساهه وڌيو. ۱۳ جنوري لال لوئيءَ جو پوتر ڏينهن آيو ۽ ۱۴ جنوري اُتراڻ. وسپت ۱۵ جنوري تہ شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن سنگت کي ويچار ڏنائين ۾ ۱۹۶۲ سال ۾ وٺي هليو. پياري دادا جون مٺيون يادگيريون تازيون ڪرائيون ڪيائين. ڇا ٿيو واپريو، دادا جشن جي مک مان ٻڌي سنگت مان ڪيترن جون اکيون آليون ٿيون.

۱۱، ۱۲، ۱۳ ۽ ۱۴ جنوري ميران اسڪولن ۽ ڪاليج جي ودياارٿين جا هڪ هڪ ڏينهن ٿي جدا جدا ميلاپ ميڙ ٿيا. دادا جشن ۽ سنگت جا ڪي پاڻ پيدل ٻـڙا حاضر رهيا. دادا جشن ودياارٿين سان ”روح رهاڻ“ ڪئي. ودياارٿين پياري دادا جي

توهين ڏسندا ته پيارو دادا وڃو آهي. وڃو توهان ڏي نهاري، وڃو توهان کي پڪاري:- ”منهنجا پيارا! منهنجا ڪم ڪاريون ڪريو، منهنجا فرض پالن ڪريو، هر هڪ کي ته منهنجي ارپتم، منهنجي ابلوءَ کي نه وساريو! سڀ جي سڌڪن سان ڪيس سڌيو. منهنجو آيو مٽايو، منهنجي آهم کي ماريو، جيو نه اهو اهم اساندو وڏو دشمن آهي. آهي کي ماريو. ديون دکين، غريبن مسڪينن، يکين پسن جي چرنن ۾ سر جهڪائي، پوڄا ۽ شرڌا ۾ ان جي شيوا ڪريو، آسيس پايو، جيون ۾ پوم پد پراپت ڪريو، منهنجو مانڪ جنم سڦل ڪريو!

نيلوءَ ڏي سنيهه پتر

پياري نيلوءَ،

جئه دادا شيام! توهان ڪٿي آهيو؟ ۲ جنوري پوي ۾ موٽيا سين. پنهي ڏينهن شوپ اچمٽداس پنجابيءَ دادا جشن کي چيو ته اوڌ اوالا ڪڏهن هلندا؟ دادا

پيش ڪيون. پياري دادا ۽ دادا جشن جا اپديش
ليا. رات جو جاڳرڻ ستسنگ سائين ١٠ کان ١٢
بجي تائين ٿيو.

سياڳي ١٧ جنوري آئي، جڏهن ڏهڻ ١٠ واري
هون هڪڙه ستسنگ ۾ دکين دردن جي شيوا ڪئي
ويئي. ڪين پرساد پڻ ڏنو ويو. سائين ١٢ لنگر لڳو.
نماشام جو سوائين ٥ بجي سنگت اچي پوڄو سماڌي
آستان لي گڏ ٿــي. هون پڙهو، دادا جشن پوارئدا
ڪئي. جڏهن ڪانپوءِ پانڌو ۽ پيٺو ديپڪ ڪٽي دادا
چوڪ لي آيا، جت آرتي ڪيت ٿيا، نوُري گرنٿ
مان وچن ورلو ويو. جهت ۾ ٿي ٺوڪين ٧ وارو ستسنگ،
شروع ٿيو. هن وقت نميڙن ٻارن پياري دادا جــي
جيون مان ڪي جهلڪون ٽنبلو جي روپ ۾ رنگ منچ
لي ڏيکاريون. اوچتو مندپ جي ڪپڙي کي اچي
باه لڳي. باه وچڙجڻ کان اڳ پائون بهادري ڪري
اهو ڪپڙو ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڦاڙيو ۽ جهت ۾ باه
وسامي ويئي. مڙي دادا جا شڪرانا! پياري دادا

جيئن مان کي دل پڇائيندڙ جهلڪون رنگ مڇي
ٿي پيش ڪيون. هن سنتن ڪيتريون ئي شيون
پياري دادا جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪيون.

١٦ جنوري پرڀات جو ساڍي ٥ بجي پرڀات
ڦيري نڪتي. سفيد ڪپڙن ۾ ڀائر ۽ ڀينر، جي
انڪل سائبا ئي سؤ ٿيندا، گيت ڳائيندا، ڪيرتن
ڪندا، جدا جدا رستن ۽ بازن مان ٿيندا پوڻين ستين
بجي اچي واپس پهتو سماڌي آستان تي پهتا. ستين
کي بسڪوٽ چانهه پرساد ڏنو ويو. ٨ کان ٩ بجي
تائين پياري دادا جي ڪمرا ۾ خاص پوڄا ليکن ٿيڻ
جي سبند ۾ ستسنگ ٿيو. پياري دادا جو رڪارڊ پڻ
اپديش هلايو ويو. ١٠ بجي دادا منڊپ ۾ هون يگيه
ستسنگ ٿيو، جنهن ۾ سفيد پوش ڀينرن ۽ ڀائرن جي
شيوا ڪئي وئي. Meatless Day جي سبند ۾
ٽرافيز ڏنيون ويون. ١٢ کان ١ بجي تائين اکنڊ
ڪيرتن ٿيو، جنهن ڪانپوءِ سنگت ڀوڄن ورتايو. تماشام
جي ستسنگ ۾ ڀائرن ۽ ڀينرن پنهنجون شرڌانجليون

دادا جشن ٻمبئيءَ ۾

شڪروار، ٦ فبروري، صبوح جو دادا جشن ڏکڻ ڪئين رستي ٻمبئيءَ ۾ پهتو. دادا جشن جي جي رهڻ جو پربنڌ مسز مايا ٻي. رامچند (ساڌو واسواڻيءَ مشن جي چيئرپرسن) جي مڪان ۾ ڪيو ويو.

شام جو آر ڪي. اڪيڊميءَ هال ۾ ستسنگ ٿيو، جت دادا هولچند آڏواڻيءَ دادا جشن جو سواگت ڪيو ۽ ٻڌايو ته جڏهن سندس "روح رهاڻ" ٻڌون ٿا، اسان جي روح کي آنند اچي ٿو ۽ وڌيڪ ڇپائين ته اهڙن هفتي ڪان "هندواسي" اخبار ۾ پياري دادا (ساڌو واسواڻي) جي رچيل "نوري گرنٿ" مان ڪي چونڊ وچن ديوناگريءَ ۾ ڏنا ويندا ۽ پڻ ٿن ڪيو پيو وڃي، جنهن سڄو "نوري گرنٿ" ديوناگريءَ ۾ ڇپايو وڃي.

دادا جشن "روح رهاڻ" ڪندي سنت تلسيداس جي هڪ دوهي جي سمجهاڻي ڏيندي چيو ته هن

۽ دادا جشن جا اهڃاڻ ٿيا . هـــن ٻنهي موقعي جي
سمبنڌ ۾ ڪيترا پيغام هميشه جيان ٻاهران آيا .
نيلو . فيبروري مهيني ۾ دادا جشن ٦ تاريخ کـان
١٢ مارچ تائين ٻمبئي ، سورت ، ٻـڙودا ، احمدآباد ،
سوراشٽر ، دهلي ، راجستان پاترا تي ويندو ، جنهن
جي خبر چار ٻئي دفعي ڏينديسانءِ .

هن ڏينهن ۾ آسانجي سنگت جـا ڪيترا پيارا
پرلوڪ پڌاريا آهن :- شري چترومل جي . هوداراماڻي
(ڪولمبي وارو) ، شري ٻوپوسنگ اوُلا ، سنت امر داس
(مانجهندن جي دربار جو گرو) ، آمي ساوتري ناراڻداس
گدراڻي ، شري نيڪمداس سپاهيملاڻي ۽ ٻيا ڪيترا .
سڀ پياري دادا جا عجيب ڀڳت ! شـــل آسين ۾
پياري ڪرون ! وڌيڪ ٻئي دفعي . تو لاءِ پيار .

پيارن مان ،

ٻونا ، ٣١.١.٨٧ نرملا

لشو نيرو!" کيس وشواس آهي ته پريو ماتا وانگر
آهي. مونکي اچي صاف ڪندي ۽ پاپن، وڪارن
کان آزاد ڪندي. اَسان کي کپي ته اَسين دل جي
اَندر پريوءَ لاءِ سڪ، گهرج اُٿاريون، نماڻا ٿيون ۽
دکين دردن، پڪين پسن جي شيوا ڪريون.

آرتوار، ٨ فيبروري، صبوح جو دادا جشن
الهاس نگر هليو، جت پهريان "نوري ستسنگ" ۾
شيوا جو پروگرام رکيل هو. سوا سؤ سفيد پوش ڀيڻن کي
٢٥-٢٥ رپيا ڏنا ويا، جنهن کان پوءِ دادا جشن
چاندي ٻائي هشمل مدسڪاڻي ڪاليج ۾ آيو. ڪاليج
جو ٢٠ ساليانو اُتسو هو. شروعات ۾ پرنسپل الروپا
ساليانې رپورٽ پڙهائي ته ڪئن شاگرد وديا جي ڪيتري
۾ جدا جدا نمونن ۾ واڌارو ڪري رهيا آهن. ان
موقعي تي دادا هولچند آڏواڻي ۽ پرنسپل ڪندناڻي
دادا جشن جو سواگت ڪيو ۽ چيو ته دادا جشن
پيار، جوت ۽ دَيا جو اوتار آهي. جت وڃي ٿو اُت
اُها جوت ڪيترن دلين اَندر پرڪاش ڪري ٿو.

دادا جشن وديارٿين کي زوردار اکرن ۾ چيو ته اَج

سنسار ۾ ڪيترن قسمن جا لوڪ آهن، پر ٽن مان ٻه خاص آهن:- (١) سنساري جيوَ ۽ (٢) پرمارٿي جيوَ. سنساري جيو ٿوڙهائن ۾ پيو ڀٽڪي ۽ پرمارٿي جيو سڀ ڪجهه اُنهيءَ ڪري سمجهي ٿو. پنهنجا فرض پالن ڪري ٿو، پر موه ۾ ڪين اڙجي. پنهنجي دل اِڪ ڪل مالڪ کي ڏئي ٿو.

چنڊر، ٧ فيبروري، شام جو جمنا هندوجا سنسڪرت ڪينڊر، ڪار ۾ وڏي شاهي ڪلچل ميدان تي دادا جشن پنهنجي پروچن ۾ پڌايو ته پرڀوءَ کي پائڻ جا اَنيڪ رستا آهن، ٽن مان خاص ڪري ٽي مکيه آهن:-(١) ڪرم مارگ، (٢) گيان مارگ ۽ (٣) ڀڳتي مارگ. ڪرم مارگ ۾ جو هلي ٿو، اهو ”مان مان“ جي ويچارن کان پري رهي ٿو. گيان مارگ جو اِنسان سمجهي ٿو ته هڪ برهم ستيه آهي، ٻيو سڀ ڪوڙ آهه. ڀڳتي مارگ ۾ جو هلي ٿو، اُن جي دل اَندر ڀونر جو ڀاو اُٿي ٿو. اهو پاڻ کي پرڀوءَ جي چرنن ۾ اَرپڻ ڪري ٿو ۽ پڪاري ٿو:- ” هري! مٺن جيسو

مان توهان وٽ هڪ نئين پيغام کڻي آيو آهيان ته ڀارت
جي اميد توهان نوجوانن ۾ آهي. ڀارت کي کپن
اهي نوجوان، جي سانت ۽ اڇي سيوا ڪن. ان لاءِ
نين دلين جي ضرورت آهي. دلين کي سجاڳ
ڪريو، پنهنجي چوڌر جي سنڀال لهو، پاڻ تي ضابطو
رکو ۽ غريبن دکين ۽ پسن پکين جي وڏي سيوا ڪريو!

ماهوار دادا پکيءَ - [۸۷.۲.۲۴]

Printed by Haresh G. Dodeja, Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2 Phone : 34494
and Published by Pamo N. Manchandya,
5/20, Sadhu Vaswani Kunj, Pune 1, Phone: 64174

Regd. No. PNC – E/13